محمد آدم ٻٽ

# شمس الدين ’بلبل‘ جون علمي ادبي خدمتون

**Abstract:**

*Shamsuddin ‘Bulbul’ a renowned and esteemed poet, writer, journalist, reformist and great scholar of Sindhi Language and Literature, was born in 1857 at Mehar, a little village of that time. He received his Madaressah education in Sindhi, Persian and Arabic Languages. He started his career by joining irrigation department as a ‘Daroga’, but after a short while resigned from the post. Since young age, Shamsuddin had inclination towards reading and writing poetry so, he decided to serve the nation by using his creative skills. Leaving his home village Mehar in 1980, he travelled to Karachi, where he met Hassan Ali Effendi, the founder of Sindh Madaressatul Islam. Khan Bahadur Effendi was very much impressed by him, and extended offer to him to join ‘Moavin’ the weekly magazine of Madaressah, as the editor, which he accepted. This brought a great change in his life, as he rendered his heroic role in the field of Literature, Journalism and Education simultaneously. He proved himself as a prolific writer of Sindhi Language and Literature. He was the first to introduce humor, satire and wit as a literary forms in Sindhi language, not only in poetry but also in prose. The renowned poets, writers and journalists of the time, like Mirza Kalich Beg, Mir Abdul Hussain ‘Sangi’, Muhammad Hashim ‘Mukhlis’ and Muhammad Bakhsh ‘Wasif’ were his contemporaries.*

**سنڌ** جي علم ادب ، سياست ۽ صحافت جي تاريخ ۾ جيڪي وڏا نالا پيدا ٿيا، شمس الدين ’بلبل‘جو شمار پڻ انهن قدآور شخصيتن ۾ ٿئي ٿو. سنڌ جي علم جي تاريخ کي ايستائين ملڪمل نہ سمجهيو ويندو، جيستائين ان ۾ ’بلبل‘جو ذڪر نہ ٿو ٿئي. جيڪڏهن ڪو مؤرخ اهو سمجهي ٿو تہ ’بلبل‘جي ذڪر ڪرڻ ڪان سواءِ، سنڌجي علمي ادبي ۽ صحافتي تاريخ کي مڪمل چئي سگهجي ٿو تہ اها هن جي ڀُل ٿيندي. سنڌ جي تاريخ ۽ سماجيات جو وڏو مؤرخ پير علي محمد شاهہ راشدي، ’بلبل‘جي شخصيت ۽ ان جي علمي ادبي خدمتن جو ذڪر ڪندي لکي ٿو تہ ”سنڌ جي علم ادب يا لٽريچر تي دادو ضلعي جا وڏا احسان آهن. اهڙي موقعي تي جڏهن سنڌ جي نئين تاريخ پئي ٺهي، دادو ضلعي سنڌ کي ٽي ماڻهو ڏنا، جن مان هر هڪ پنهنجي لائن ۾ يگانو هو.

1. صحافت ۽ لٽريچر ۾ رئيس شمس الدين بلبل (ميهڙ)





2. ادب ۽ تاريخ ۾ علامہ دائود پوٽو، (ٿلٽي)

3. فلسفہ، تصوف ۽ متفرقہ علوم ۾ علامہ آءِ آءِ قاضي. (پاٽ)

اهي ٽي ماڻهو اهي هئا، جن نئين سنڌ ۾ پنهنجي علمي ڪمالات سان ذهني انقلاب آندو ۽ ان انقلاب جي خود قيادت ڪيائون.“[1]

شمس الدين ولد بهادر خان ولد ڪمال خان، تخلص ’بلبل‘ ذات جو شينو هو، نہ ڪِ ابڙو، جيئن اڪثر سمجهيو وڃي ٿو، البت سندس ذات جو تعلق آبڙ قبيلي سان ضرور آهي، سنڌ ۾ ابڙن جي اڪثريت ۽ ٿي سگهي ٿو تہ انهن سان مٿي مائٽي هجڻ جي ڪري، ڪيس ابڙو سڏائڻ وڌيڪ مناسب ۽ موزون لڳو هجي.

رئيس شمس الدين اپريل 1857ع ۾ ميهڙ ۾ ڄائو، سندس نالو پهرين پريل رکيائون، پر بعد ۾ سندس مامي آخوند نهال خان جي چوڻ تي شمس الدين رکيو ويو. ’بلبل‘جا وڏا اصل ۾ بلوچستان جي شهر ڀاڳ جا وينل هئا. جتان سندس ڏاڏو ڪمال خان ڪن سببن جي ڪري لڏي اچي ميهڙ ۾ ويٺو. ’بلبل‘پنهنجي سيني ڀائرن ۽ ڀينرن ڪان عمر ۾ ننڍو هو.

1857ع واري جنگِ آزادي جنهن کي انگريزن غدر ظاهر ڪيو هو، ان جي ناڪامي ڪان پوءِ انگريز ’مغليہ دور ڪا هندستان‘ جي نعري هيٺ، هندستان جي اڪثريت رکندڙ آبادي (هندن) کي اهو باور ڪرائڻ ۾ ڪامياب ويا. ڇاڪاڻ تہ انگريزن هندستان جي حڪومت مغلن ڪان کسي هئي، تنهن ڪري اها ويڙهہ اصل ۾ هندستان تي مسلمان حڪمرانيءَ جي ٻيهر بحاليءَ جي ويڙهہ هئي ۽ نہ ڪِي آزاديءَ جي جنگ. انگريز ان سازش ۾ ڪامياب ٿيڻ ڪان پوءِ هندستان جي مسلمانن تي هنن جيڪي سختيون ڪرڻ شروع ڪيون، ان جي نتيجي ۾ ئي مسلمان سياسي، سماجي ۽ اقتصادي طور بدحال ۽ پست ٿي ويا. ’بلبل‘جو جنم ۽ پالنا اهڙين حالتن ۾ ٿي. هن جڏهن شعور جي اک کولي ۽ ملڪي حالتن ڏانهن ڏاهپ جي نگاهہ ڦيرايائين، تہ ڪيس محسوس ٿيو تہ انگريز هندستان سميت سنڌ تي پنهنجو مڪمل سياسي غلبو قائم ڪري، پير پختا ڪري، قبضو ڄمائي چڪا هئا ۽ سنڌ جا مسلمان هندستان جي ٻين علائقن جي ماڻهن وانگر انتهائي ڪسمپرسي ۽ غلاميءَ واري زندگي گذاري رهيا هئا.

ان دوران انگريزن سنڌ سميت سموري هندستان ۾ سياسي ۽ سماجي تبديلين ۽ اصلاح جون ڪوششون ورتيون. سنڌ جي سلسلي ۾ انگريزن ان کي فتح ڪرڻ ۽ ان تي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

پنهنجي حڪمرانيءَ جو مڪمل قبضو ڄمائڻ ڪانپوءِ اهو محسوس ڪيو ته، سنڌ جو سماجي تاڃي پيٽو مڪمل طور عدم موجودگيءَ واري شڪل ۾ حالت ۾ غير منظم ۽ ٽڙيل پکڙيل هو. جنهن ۾ ڪنهن بہ قسم جو ڪو ربط، تنظيم يا نظم و ضبط نالي جي ڪنهن شيءِ جو وجود ڪو نہ هو. انگريزن پنهنجي انتظامي صلاحيتن ڪان ڪم وٺندي، هڪ غير منظم سماج کي تنظيمي شڪل ڏانهن آڻڻ جون ڪوششون ورتيون. انهن ڪوششن جي پهرين مرحلي ۾ سنڌي ٻوليءَ جي الف- ب ۽ مستقل بنيادن تي هڪ رسم الخط (صورتخطي) جي هجڻ، ۽ ان سان گڏ جديد تعليمي سرشتي جي قيام کي پڻ ضروري ڄاتو ويو.

سنڌي ٻوليءَ جي مستقل بنيادن تي الف-ب ۽ رسم الخط جي قيام ۽ جديد تعليمي نظام جي متعارف ٿيڻ بعد سنڌ ۾ اينگلو- ورنيڪيولر اسڪول کلڻ، ۽ پارسي جي عيوض مادري ٻولي سنڌيءَ ۾ درس و تدريس جو سلسلو شروع ٿيو. تنهن هوندي بہ سنڌي معاشري مان، پارسيءَ جو سحر ۽ اثر اڃا مڪمل طور ختم ڪو نہ ٿيو هو.

”بلبل ابتدائي تعليم پڻ ان وقت جي پراڻي رواج ۽ روايت موجب سنڌي ۽ فارسي جي مڪتبي تعليم حاصل ڪئي.“[2]

بلبل ان مڪتبي تعليم جا ابتدائي سبق پهريائين ميهڙ لڳ ڳوٺ گاهي مهيسر ۽ باگو تيوٽو جي مدرسن مان حاصل ڪيا، ان ڪان پوءِ وڌيڪ تعليم وٺڻ لاءِ سنڌ جي مشهور شهر پاٽ شريف جي مدرسي ۾ داخل ٿيو، جتان عربي ۽ پارسي جي تعليم مڪمل ڪرڻ ڪان پوءِ دستاربند عالم ٿيو. سندس تعليم ۽ تربيت ان دؤر جي مشهور استادن ۽ بزرگن، مولانا عبدالوهاب گلال، مولانا الهہ بخش سوڍر ۽ مخدوم حسن الله پاٽائي جهڙن جيد عالمن جي نگراني هيٺ ٿي.

تعليم ۽ تربيت جي تڪميل ڪان پوءِ 1872ع ۾ پنهنجي عملي زندگيءَ جو باقائدي آغاز ڪيو، ۽ سنڌ جي انجنيئري کاتي ۾ داروغي جي حيثيت سان مقرر ٿيو. جتي هن پنهنجي قابليت جا جوهر ڏيکارڻ شروع ڪيا. سندس بالا آفيسر هن جي قابليت ۽ ذهانت کي ڏسي حيران ۽ دنگ رهجي ويندا هئا. سنڌ جو مشهور اديب ۽ نقاد ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم خليل، 'بلبل' جي اهڙي ذهانت ۽ قابليت جو ذڪر ڪندي لکي ٿو تہ، ”هڪ انگريز انجنيئر 'بلبل' جي تحريري قابليت، سليقہ شعاري ۽ اديبانہ ذوق ۽ شوق ڏسي، هن جي وڏي عزت ڪئي ۽ مانُ ڏنو ۽ هن جي حوصلہ افزائي ڪرڻ جي





خاطر شاهنامہ فردوسي جو هڪ نسخو جو سونهري حرفن ۾ لکيل هو تحفۂ طور پيش ڪيائين. اهو شاهنامو هاڻي دهلي جي عجائب خاني ۾ رکيل آهي جو ان وقت جي ڪليڪٽر جناب حامد علي صاحب اتي ڏياري موڪليو هو.“[3]

بلبل کي خدا تعاليٰ جيڪا ذهني ڏات ڏني ۽ قابليت عطا ڪئي هئي، ان کي اجاگر ڪرڻ ۽ قومي مفادن خاطر استعمال ڪرڻ لاءِ ميهڙ جهڙو ننڍڙو شهر ڪيس موزون نہ لڳو، تنهن ڪري ميهڙ ڇڏي ڪراچي ۾ سڪونت اختيارڪرڻ ضروري سمجهيائين، اهڙي ريت ان قومي جذبي پوري ڪرڻ واري دلي خواهش کي نظر ۾ رکي 'بلبل' 1889ع ۾ ڪراچي پهتو. جتي ڊاڪٽر خليل جي لکڻ موجب، ”حُسن اتفاق سان خانبهادر حسن علي آفندي سان ملاقات ٿيس، خانبهادر جي حيثيت سنڌ ۾ ان وقت اها ساڳي هئي جا سر سيد جي يُو پي (U.P) ۾ هئي ۽ جڏهن 'بلبل' سان واقفيت ٿيس تڏهن هن جي مردم شناس ۽ دوربين اکين مستقبل جي قابل شخص کي پروڙي ورتو ۽ هن کي پاڻ وٽ رهائي ڇڏيائين.“[4]

مرحوم حسن علي آفندي سنڌ جي ملسمانن جي تعليمي حالتن کي سڌارڻ ۽ ان کي ترقي وٺرائڻ خاطر، مولوي الهہ بخش ابوجي ۽ ٻين همدرد رفيقن ۽ ساٿين سان گڏجي ڪراچيءَ ۾ سنڌ مدرسۃ الاسلام جهڙي تعليمي درسگاهہ جو بنياد وڌو، جنهن اڳتي هلي سنڌ جي مسلمانن جي تعليمي حالت جي سڌاري ۽ واڌاري ۾ مکيہ ڪردار ادا ڪيو.

مرحوم حسن علي آفندي سنڌي مسلمانن جي تعليمي حالت درست ڪرڻ سان گڏ، منجهن سياسي سمجهہ ۽ شعور پيدا ڪرڻ خاطر 'سنڌ محمدن ايسوسيئيشن' جي نالي سان هڪ الڳ سياسي جماعت جو بنياد پڻ وڌو. ان ايسوسيئيشن جي پليٽ فارم تان هڪ هفتيوار اخبار 'مجمع محمدي' جيڪا پوءِ 'معاون' جي نالي سان مشهور ٿي، ان جو اجراء ڪيو. هن اخبار جي جاري ڪرڻ جو خاص مقصد سنڌي مسلمانن ۾ سياسي ۽ علمي سجاڳي آڻڻ سان گڏ، سنڌ مدرسي جي ترقي ۽ واڌاري لاءِ پڻ پتوڙڻ هو. ان اخبار (معاون) جي ايڊيٽري جا فرائض 1890ع ۾ مرحوم 'بلبل' جي حوالي ڪيا ويا، ۽ ائين 'بلبل' صاحب پنهنجي اصلي ۽ حقيقي عملي زندگيءَ جو آغاز ڪيو. ڊاڪٽر خليل لکيو آهي تہ ”ان وقت ڪراچي ۾ سنڌ محمدن ايسوسيئيشن مسلمانن جي بهبودي ۽ ترقي لاءِ ٺاهي وئي هئي. جنهن جي سرپرستي هيٺ هڪ هفتيوار اخبار 'معاون' نالي

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

جاري ڪئي وئي. ان اخبار جي ادارت ’بلبل‘ جي سپرد ڪئي وئي. جنهن جي ذريعي هن سنڌ مدرسته الاسلام ۽ سنڌ محمدن ايسوسيئيشن ۽ حسن علي آفندي جي سياسي ۽ علمي تحريڪ جي تمام عمدي خدمت ڪئي.“[5]

بلبل بحيثيت صحافي، ’بلبل‘ بحيثيت شاعر، ’بلبل‘ بحيثيت نثر نگار، ’بلبل‘ جون تعليمي خدمتون ۽ معاون اخبار جو ايڊيٽر ٿيڻ ۽ ان اخبار ۾ ان دؤر جي عالمن، اديبن ۽ شاعرن جا مختلف ليک ۽ شاعري ڇپجندي ڏسي ۽ پڙهي سندس اندر جي ارمان اُڌمو ڪاڏو، ۽ منجهس لکڻ پڙهڻ ۽ شاعري ڪرڻ جو شوق ۽ جذبو پيدا ٿيو. ڪيس شاعري جو شغف ته اڳي ئي هو، ويتر طبيعت جي رواني ۽ ادب ڏانهن لاڙي ڪيس بهتر ماحول پيدا ڪري ڏنو، جنهن ڪري هن پنهنجي زور قلم سان نثر توڙي نظم ۾ خيالن جا خوب ڪونتل ڪُڏايا، ۽ فن ۽ فڪر جا واهڙ وهائي ڇڏيا. اهڙي ريت علم، ادب ۽ صحافت جي ميدان ۾ بلبل، نثر توڙي نظم واري حوالي سان ڪيئي ڪتابڙا ڇڏيا آهن. سندس اهڙن ڪتابڙن جو وچور ’بلبل‘ جي فرزند محترم رئيس ضياءُ الدين هن طرح ڏنو آهي، ”(1) ديوان ’بلبل‘ سنڌي، (2) ديوان فارسي، (3) عمدت التواريخ، (4) حليما، (5) ڪريما نيچرل، (6) گنج معرفت، (7) شمس المڪتوب، (8) آئينه تجارت مائيه ظرافت، (9) بهار عشق (10) تيرهن چار مڪرن جا مار، (11) صد پنڊ سودمند، (12) بهارستان بلبل، (13) قرضن جا مرض ۽ انهن جا علاج، (14) انگريز ۽ مسلمان، (15) مسلمان ۽ تعليم، (16) جام جم، (17) عقل ۽ تهذيب، (18) وقف علي الا ولاد، (19) چَٽ سوال پَٽ جواب.“[6]

رئيس ضياءُ الدين ’ضيا‘ طرفان اها فهرست ماهوار اديب- سنڌ رسالي کي مهيا ڪئي وئي هئي، جيڪا آڪٽوبر 1941ع جي پرچي ۾ ڇپي هئي. مٿي ڄاڻايل ڪتابن جي فهرست ڪانسواءِ ڪجھ ٻين باقي رهيل ڪتابن جي فهرست پڻ اديب - سنڌ رسالي جي ماهه جنوري، 1942ع واري پرچي ۾ ڇپي هئي، جيڪا ميرپور بٺوري (اڳوڻي ضلع ڪراچي ۽ هاڻوڪي ضلع ٺٽي) جي زميندار سيد دُرمحمد شاهه طرفان مهيا ڪئي وئي هئي. اها فهرست هن ريت آهي: ”(1) ظريف الدوله ڀاڱو پهريون، (2) ظريف الدوله ڀاڱو ٻيو، (3) گلزار لطائف ڀاڱو پهريون، (4) مداح سرور، (5) ما مقيما، (6) ڪارونشين ڪپ، (7) قلندري ميلو، (8) بخت بازي.“[7]

مٿي ڄاڻايل معلومات جي روشنيءَ ۾ ’بلبل‘ صاحب جي نثر توڙي نظم وارن





ڪتابن جو ڪُل تعداد ستاويهه ٿئي ٿو. جيڪي ان زماني ۾ ننڍن ننڍن ڪتابن جي صورت ۾ ڇپيا ويا هئا. انهن سڀني ڪتابن کي بعد ۾ سنڌي ادبي بورڊ طرفان، مرحوم مولانا غلام محمد گرامي ايڊيٽر مهراڻ ۽ ’بلبل‘ جي لائق فرزند رئيس ضياءُ الدين ’ضيا‘ جي گڏيل ڪوشش ۽ دلچسپي سان، جامع ڪري سنڌي ادبي بورڊ پاران ڇپرايا ويا. جن جو ڪُل تعداد پنج ٿئي ٿو. انهن ڪتابن جا مکيه عنوان هن ريت آهن: (1) ديوان بُلبل، (2) ڪلام بُلبل، (3) مزاحيات، (4) جام جم ۽ (5) مسلمان ۽ تعليم.

## بُلبل بحيثيت شاعر:

بلبل جو دؤر سنڌي شاعري جي تاريخ ۾ غزل جو دؤر سمجهيو ۽ سڏيو وڃي ٿو، ’بلبل‘ جڏهن شاعري جي ميدان ۾ پير پاتو ته ان وقت غزل جي نازڪ ۽ نفيس صنف بام عروج تي پهتل هئي. وڏا وڏا ڪهنه مشق شاعر جهڙوڪ: فاضل، قاسم، حامد، گدا، سانگي، قليچ، مرتضائي، ماتم ۽ حافظ حيات جهڙا روشن دماغ ۽ عالي قدر شاعر غزل جو ميدان ماري ۽ داد حاصل ڪري رهيا هئا. رقيب روسياهه، گل و بلبل، پيچدار زلفن، خمدار ڀرون، عقابي اکين ۽ محبوب جي ڳاڙهن ڳلن ۽ سندس حسن ۽ سونهن جي سراپا نگاري جو ذڪر زور شور سان جاري ۽ ساري هو، مگر جيڪا ڳالهه نه هئي سا اها ته سنڌي غزل کي پنهنجو ديسي اسلوب انداز ۽ سادي سلوڻي ٻولي نه هئي، ’بلبل‘ ۽ ان جي هم عصر شاعرن منجهان حافظ حامد، سانگي ۽ قليچ اهڙا شاعر نظر اچن ٿا، جن نه رڳو غزل جي شاعريءَ کي سنڌي روايت جو لباس پهرايو.

”نه توسان ڪو هاڻي لڳم لاءُ لڳ،
هتي عشق آدم ڪان آيو آ اڳ.
ڪڏي سينڌ زلفن ۾ آهي سڄڻ،
دلين جي وڃڻ لاءِ ٺاهيو آ ڏڳ.
نه مون کي وڻيو آهه، تنهنجو جمال،
گواهه ان جو سارو جهان آهه جڳُ.
ڏسي دل ٿي توکي، ڇو دهليءَ وڃي،
متان ڪو هجين تون به دهليءَ جو ٺڳ.“[8]

يا وري ٻئي غزل جا ڪجھ بند ملاحظ فرمايو:



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

”’ڪر-اچي‘ مون وٽ پيارا، تون وري پنهنجو وٿاڻ،
آءُ تہ هيڪر، هوت مَنِ ’هي، در ٿئي آباد‘ هاڻ.
مارئيءَ ڪي ٿي چيو مارن چڏي پنهنجو ملير،
ٿي وسائين ’ڪوٽ-ڙي‘ تو ڪان پُلي ويڙا هي ياڻ.
ان چوايو تن ڪي، مان هت ’جنگ-شاهي‘ ۾ جهليس،
ڪيئن وساريندس اديون ’سي-وڻ‘ ڏيو جن جا اُجاڻ.
جي سڏائين ’مير‘ ۽ ’دولت‘ ۾ ’پُر‘ ٿو پاڻ ڪي،
’سا-ڪُرو‘ ٽر جو ڪيان، مٺ ڪيم ان جي سيم ساڻ.
آءُ تہ پانيان ٿي عمر ’دادو‘ سو توکي دين جو،
ڪين ’پاٽن‘ ڪان ’لڪي‘ ڪا هئن ٿئي منجھ طلب تاڻ.
ڪو ’سکر‘ توکي نٿو سمجهائي، تون چا ٿو ڪرين،
اهڙو ’رُڪ‘ رهزن ٿي موٺاءِ پنوهاري جو پاڻ.
’لاڏڪاڻي‘ پنهنجي انڌي مال تي تون ڪيم ڪر،
بي ’بقا-پُر‘ آ بقا نا آشنا، تون دل ۾ ڄاڻ.
شوق شاهي ۽ شڪارن ۾ نہ پُرُ مغزي رکج،
هي ’ڳڙهي‘ ’ ماڙي‘، محل سڀ بي بقا آهن، سڃاڻ.
اڄ صبا جي پيڪ سان سڪ سوز، دل ’۾-هڙ‘ ٻڌي،
گل جي خدمت ۾ تون ’بلبل‘ هن امانت ڪي اُماڻ.“[9]

مٿي ڏنل ٻن غزلن، جي ڪجھ بندن مان، سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ماڻهوءَ جي مزاج ۽ سنڌي سماج ۾ رائج استعارن ۽ تشبيهن جو ذڪر ٿيل آهي، جهڙوڪ: ’دهلي جو ٽڳ‘ وغيره. ٻئي غزل ۾ سنڌ جي شهرن جا نالا ڪاريگري ۽ سنڌي ٻوليءَ جو سپڪ سلوڻو استعمال خوب ٿيل آهي.

مگر ان ڪي سليس، سادي ۽ سلوڻي ٻوليءَ جو اسلوب پڻ ڏنو. هن ڪان اڳ سنڌي شاعري پارسي- عربي علم عروض جي مشڪل ۽ دقيق اصلاحن، ترڪيبن ۽ فني بندشن ۾ پابند سلاسل هئي. سا هاڻي ڏارين فني پابندين ڪان ٻاهر نڪري مقامي اصلاحي تشبيهن ۽ ترڪيبن جو اسلوب ۽ انداز ڪٽي سامهون آئي.جنهن ۾ تصوف ۽ اخلاقي نڪتن ڪي بيان ڪيو ويو. سنڌي شاعريءَ جي تاريخ ۾ ’بلبل‘ پهريون شاعر





آهي، جنهن روايتي فڪري اسلوب ۽ انداز ڪان هٽي ڪري قومي ۽ اصلاحي شاعري ڪئي، ۽ ان ۾ ظرافتي اسلوب اختيار ڪري اهو ثابت ڪيو تہ، غزل ڪي رڳو محبوب جي سراپا نگاريءَ تائين محدود نٿو ڪري سگهجي. بلڪ ان ۾ قومي ۽ اخلاقي اصلاحي نڪتن ۽ جذبن ڪي پڻ بيان ڪري سگهجي ٿو. مولانا گرامي ’بلبل‘ جي ان فني ڪاريگري جو تنقيدي جائزو وٺندي لکي ٿو تہ، ”’بلبل‘ جي فن ڪي ڏسبو تہ ڪيس ڪِل پوڳ، مسخريءَ ۽ خنده زنيءَ سان ڪو دلي چاهہ نہ هو، پر ان جي مقابلي ۾ ڪنهن مسئلي ڪي ظريفانہ، طنزيہ ۽ مزاحيہ رنگ ۾ پيش ڪرڻ جو استاد هو. سندس مهارت ان مان صاف ظاهر آهي تہ سندس فن ۾ طنز موجود آهي، پر اها آهي مزاح ۽ ظرافت جي رنگ ۾ جنهن ڪي هڪ فنڪار ۽ هنر مند جي هٿ لڳڻ سان، سندس فني رنگ ديدهہ زيب ۽ دلڪش پيو لڳي.“[10]

سنڌي ادب جي تاريخ ۾ ’بلبل‘ پهريون شاعر آهي، جنهن غزل ۾ مزاحيہ ۽ ظرافتي انداز اختيار ڪيو. سنڌي ادب جا سڀ نقاد ان ڳالهہ تي متفق آهن تہ، غزل جهڙي نازڪ ۽ نفيس صنف ڪي مزاحيہ ظرافتي اسلوب ڏيڻ، اهو صرف ’بلبل‘ جي فن جو ئي ڪمال آهي، ۽ جنهن ڪمال فنڪاريءَ سان ’بلبل‘ ان ڪي لفظي ويس پهرايو، سنڌي ادب جي تاريخ ۾ ’بلبل‘ ڪان اڳ ۽ بعد اهڙو ڪو مثال ئي نہ ٿو ملي. ’بلبل‘ جي ان ظرافتي فن تي تنقيدي نگاهہ وجهندي، سيد اسد الله شاهہ حسيني لکي ٿو تہ، ”بلبل پنهنجي فن جو امام آهي ۽ سندس پايي جو انهيءَ مخصوص فن ۾ اجا ڪو شاعر پيدا ڪو نہ ٿيو آهي.“[11]

مرحوم ضياءُ الدين ’ضيا‘ مخدوم ميان محمد انور پاٺائيءَ جي حوالي سان لکي ٿو تہ: ”جيئن ناليري فيلسوف جانسن، اسڪاٽ ۽ ٻين يورپ جي مشهور شخصيتن پنهنجي ناولن ۾ فلسفي ۽ حڪمت ڪي جاءِ ڏيئي، پنهنجي قوم ۾، جا فيشن جي دلدادهہ ٿي چڪي هئي، هڪ وڏو انقلاب ۽ سڌارو آندو، تيئن ’بلبل‘ جي ظرافتي مقالن، تصنيفن ۽ مزاحيہ شعرن، جيڪو اخلاقي اثر پيدا ڪيو، سو قوم جي سڌارڻ ۾ اسان جي ڏگهين تقريرن، تحريرن ۽ مضمونن ڪڏهن ڪونہ ڪيو آهي. جيستائين مصنف عوام جي دلين جي لاڙي ڪي جاچي، انهن جي مزاج مطابق نہ لکندا، تيستائين سندن تصنيفون گهربل اثر پيدا نہ ڪنديون. مشهور شاعر شيڪسپيئر جي سر جو سهرو، جيڪڏهن سنڌ ۾ ڪنهن تي سونهين ٿو، تہ اهو اسان جي فخر قوم ’بلبل‘ جي سِر تي سونهين ٿو.“[12]



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

سنڌي ادب ۾ ’بلبل‘ مزاح نگاري ۽ ظرافت جو جد امجد ۽ بنياد وجهندڙ هو. سندس شاعري جا ٻہ مجموعا ’ديوان بلبل‘ ۽ ’ڪلام بلبل‘ ۽ انهن جو اڀياس ان حقيقت جو غماز ۽ گواهہ آهي تہ ’بلبل‘ پنهنجي تخليق نظم توڙي نثر ٻنهي صنفن جي فقري فقري ۽ جملي جملي ۾ ظرافت جو اهڙو رنگ رچايو ۽ مچ مچايو اٿس، جو ’بلبل‘ کان پوءِ اهڙي ظرافت ڪنهن کي نصيب نہ ٿي. قدرت ان کي اها وڏي ڏات ڏني هئي، جنهن جي ڪهڙي بات ڪجي. سنڌي ادب جي تاريخ جا ٻہ وڏا نقاد مرحوم خانبهادر محمد صديق ميمڻ ۽ مرحوم محمد بخش واصف ’بلبل‘ جي فن ۽ فڪر تي تنقيد ڪندي لکن ٿا تہ

”ظرافت ۽ مذاقيہ ڪلام جي ڪري ’بلبل‘ پنهنجي هم عصر خواهہ پيشبين شاعرن کان گوءِ ڪٽي چڪو آهي، سارو مذاقيہ ڪلام ناصحاڻو ڪلام آهي.“(13)

واصف، ’بلبل‘ جي خوبين جو ذڪر ڪندي لکي ٿو تہ ”مرحوم ’بلبل‘ کي قسام ازل کان ، ڪيترين ئي خوبيون قسمت ۾ آيون هيون، جيئن شعرو شاعري، فصاحت ۽ بلاغت، نثر نويسيءَ جي نزاڪت، ان سان گڏ ظرافت جي ضيافت، فن صحافت جي قابل قدر لياقت ۽ قابليت، انهن مڙني خوبين ۾ مرحوم ’بلبل‘ پنهنجو مَٽ پاڻ هو.“(14)

بلبل جي حڪمت ۽ ڏاهپ طرف اشارو ڪندي ڊاڪٽر خليل لکي ٿو تہ ”هن مسلمانن جي ادبي، معاشرتي، اخلاقي ۽ مذهبي جمود ۾ حرڪت پيدا ڪرڻ لاءِ ايئن ڪيو ۽ پنهنجي فيض قلم سان ملڪ جي تاريڪ فضا ۾ روشن ستارو ٿي چمڪيو.“(15)

## بلبل بحيثيت نثر نگار:

بلبل شاعر هجڻ سان گڏ بهترين نثر نگار پڻ هو. سنڌي ٻوليءَ ۾ سندس ٽڙيل پکڙيل لکڻين کي مرحوم مولانا غلام محمد گراميءَ جي ڪوشش سان سنڌي ادبي بورڊ ٽي ڪتاب: (1) ’مزاحيات‘، (2) ’جام جم‘، (3) ’مسلمان ۽ تعليم‘ جي عنوان هيٺ ڇپائي پڌرا ڪيا آهن. جيڪي نثر عاري ۽ مقفيٰ جو بهترين ۽ شاهڪار نمونو آهن. سنڌ جي مشهور شاعر ۽ اديب حافظ عبدالله بسمل جي چوڻ موجب تہ ”بلبل مرحوم پهريون ئي اديب آهي، جنهن موجوده سليس نثر نويسيءَ جي طرز ايجاد ڪئي. درحقيقت مرحوم شمس العلماء مرزا قليچ بيگ صاحب بہ هن طرز ۾ مرحوم ’بلبل‘ جو ئي مقلد هو.“(16)





بلبل نثر نويسيءَ جو اهڙو دلپسند نمونو ايجا ڪيو جو ملڪ ۾ عام مقبول ٿيو، ۽ اڄوڪا سنڌ جا اديب اهائي طرز اختيار ڪري رهيا آهن جا هن ايجا ڪئي هئي. مرحوم ’بلبل‘ کان اڳ سنڌي ۾ نثر لکڻ جو پراڻو نمونو مروج هو. آخوند لطف الله حيدرآبادي ۽ هدايت الله مشتاق متعلوي جون لکڻيون ان جون شاهد آهن. ’بلبل‘ ان مخصوص لهجي کي عوامي ٻولي ۾ تبديل ڪيو، ۽ موجوده سليس نثر نويسي جي طرز ايجاد ڪيائين. ’بلبل‘ جي تصنيفن مان سنڌ جي تمدن ۽ معاشرت، عوام جا جذبات ۽ خيالات، مختلف ڏنڌن جي ماڻهن جون صحيح ۽ زندهہ تصويرون ملنديون، نہ رڳو مسلمانن جو ذڪر ڪيو اٿس بلڪ هندن جي معاشرت جي بہ مرقع نگاري ڪئي اٿس. ’بلبل‘ جي نثري خوبين جو جائزو وٺندي ڊاڪٽر خليل لکي ٿو تہ ”بلبل وٽ هر قسم جو نثر ملندو، مثلاً اڳوڻو مقفيٰ نمونو ۽ نثر عاري، جڏهن تہ سندس نثر عاري کي بہ جدا جدا نمونن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. جهڙوڪ: ظرافتي، اصلاحي، پرزو رنگين نمونو يا تبليغي اصلاحي سليس نمونو يا سياسي اصلاحي نوش با نيش زبردست نمونو يا علمي عارفانہ بحث جو روشن نمونو.“(17)

## بُلبل بحيثيت صحافي:

بلبل صحافت جهڙي مشڪل ۽ محنت طلب پيشي سان 1890ع ۾ منسلڪ ٿيو. 1889ع ۾ سنڌ مدرسة الاسلام جي باني حسن علي آفندي سان جڏهن سندس ملاقات ٿي، تڏهن ’بلبل‘ جي صلاحيتن جو اندازو لڳائي ڪيس سنڌ مدرسي طرفان ڇپجندڙ اخبار ’مجمع محمدي‘ جيڪا پوءِ ’معاون‘ جي نالي سان مشهور ٿي، ان جي ايڊيٽر ٿيڻ جي آڇ ڪئي. جيڪا آڇ ’بلبل‘ خوشيءَ سان قبول ڪئي. ان اخبار جو پهريون ايڊيٽر مولوي محمد عثمان نورنگ زادو هو، جيڪو سنڌ مدرسي ۾ فقهہ جو استاد هو.

”ان کان پوءِ مولوي الهہ بخش ’ابوجهو‘ ۽ بعد ۾ شمس الدين ’بلبل‘ ان جو ايڊيٽر مقرر ٿيو.“(18)

بلبل 1893ع تائين معاون اخبار جو ايڊيٽر رهيو، پر پوءِ ڪن ذاتي مجبورين سبب ڪراچي ڇڏي واپس ميهڙ اچي رهيو.

”1895ع ۾ سکر جي ڊپٽي ڪليڪٽر سردار محمد يعقوب خان جي ڪوشش سان اتان ’الحق‘ نالي سان اخبار جاري ٿي. جيڪا پوءِ 1901ع ۾ حيدرآباد منتقل ٿي. ان جو بنيادي ايڊيٽر ’بلبل‘ هو. جنهن کان پوءِ محمد هاشم ’مخلص‘ ۽ حڪيم فتح محمد



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

سيوهاڻي ان جا ايڊيٽر ٿي رهيا.“[19]

”سنڌي ٻوليءَ جي پهرين روزاني اخبار ’آفتاب سنڌ‘ هئي، جيڪا 1895ع ۾ سيٺ حاجي احمد ميمڻ جي سرپرستي هيٺ سکر مان جاري ٿي، شمس الدين’بلبل‘هن اخبار جو تاحيات ايڊيٽر ٿي رهيو.“[20]

بلبل مرحوم جي صحافتي خدمتن جو اعتراف ڪندي، ان دؤر جو مشهور صحافي، شاعر ۽ مزاح نگار مرحوم محمد هاشم ’مخلص‘ لکي ٿو ته، ”بلبل مرحوم سنڌ جي مسلمانن ۾ پهريون اخار نويس هو، ۽ پهريون شخص هو، جنهن پهريان پهريان صحيح معنيٰ ۾ ايڊيٽري ڪري ڏيکاري ۽ موجوده سليس، پُر اثر رنگين مضمون نويسيءَ جو سِڪو ڄمايو.“[21]

حافظ عبداللّٰه سمل جي لکڻ موجب، ”بلبل مرحوم پهريون ئي اديب آهي، جنهن موجوده سليس نثر نويسيءَ جي طرز ايجاد ڪئي، درحقيقت مرحوم شمس العلماءِ مرزا قليچ بيگ صاحب هن طرز ۾ مرحوم’بلبل‘جو ئي مقلد هو، سندس ايڊيٽريءَ ۾ جيڪي اخبارون شايع ٿيون، انهن ۾ سندس پرزور فصيح ۽ بليغ نثر نويسيءَ جو بي اختيار داد ڏيڻو پوي ٿو. هن کان پوءِ سنڌ ۾ جيڪي به پُر زور اخبار نويس ٿي گذريا آهن، سي سڀئي ’بلبل‘جا خوش چين ۽ مقلد آهن.“[22]

پير علي محمد راشدي لکي ٿو ته، ”صحافت جي ٻيلي ۾ انهن ڏينهن ۾ ٻه شير ٻڌبا: هئا لاڙ ۾ محمد هاشم ’مخلص‘ ۽ اتر ۾ شمس الدين’بلبل‘، ٻئي اخبار نويس هئا، ٻئي نظم ۽ نثر ۾ صاحب ڪمال هئا. فرق فقط هي هو ته، ’مخلص‘ جي تحرير قدري اُگري هوندي هئي ۽ ’بلبل‘ جي تحرير سلوڻي، ’مخلص‘ جو جو زور وقتي مسئلن تي هوندو هئو ۽ ’بلبل‘ کي قوم جي مستقبل جو خيال رهندو هو. تنهن ڪري سندس فڪر جو اندازو تعميري ۽ نظر ڊگهي هوندي هئي.“[23]

”مرحوم ’بلبل‘وڏو اهل قلم، سنڌي زبان جي چاڻن ۾ انفرادي طرز تحرير جو تعارف ڪرائيندڙ، شاعر ۽ چوٽيءَ جو صحافي هو. سڀ کان وڏي ڳالهه ته هو خانبهادر حسن علي آفنديءَ جو سچو ساٿي هو. بعد ۾ آفتاب سنڌ جي ذريعي هن سنڌ جي مسلمانن ۾ سياسي سوجهه ٻوجهه پيدا ڪئي ۽ متعصب هندو صحافين ۽ انگريز عيسائي پادرين جا مدلل جواب ڏيئي سندن پول پڌرا ڪيا.“[24]





## بلبل جون تعليمي ۽ سماجي خدمتون:

سنڌي ٻولي جي الف – ب ۽ رسم الخط جي وجود ۾ اچڻ سان، سنڌ ۾ تعليم جي ترقي ۽ واڌاري لاءِ ڪوششون ٿيون. انهن ڪوشش ۾ سرڪار ڪانسواءِ سنڌ جي ديسي ماڻهن به حصو ورتو. جنهن ۾ هندو ۽ مسلمان ٻئي شامل هئا. سنڌ جي هندن ۾ رشي ڏيارام گدومل ۽ ڏيارام ڄيٺمل ۽ ساڌو ٻائر، جڏهن ته مسلمانن منجهان حسن علي آفنديءَ جون تعليم جي واڌاري ۽ سڌاري لاءِ جديد تعليمي عمل کي روشناس ڪرائڻ وارين، تعليم جي ميدان ۾ ڪنيل قدمن ۽ خدمتن کي نه ٿو وساري سگهجي. حسن علي آفندي، مولوي الهه بخش اٻوجهو ۽ ٻين مسلمان سماج سڌارڪن جي مدد سان سنڌ مدرسو قائم ڪيو. جڏهن ته هندن منجهان ڏيارام ڄيٺمل، رشي ڏيارام گدومل ۽ ٻين هندو سماج سڌارڪن جي مدد سان 1887ع ۾ D.J سنڌ ڪاليج قائم ڪري لافاني مثال قائم ڪيو.

سنڌي مسلمان سماج سڌارڪن ۽ حسن علي آفنديءَ جي تعليمي تحريڪ کي نظر ۾ رکندي، ’بلبل‘پڻ سنڌ جي مسلمانن جي تعليمي صورتحال کي بهتر بنائڻ ۽ ان جي واڌاري ۽ سڌاري جي سلسلي ۾ پوئتي نه رهيو. تعليم جي ميدان ۾ ’بلبل‘جون ڪوششون قابل تعريف، ساراهه جوڳيون ۽ ڪنهن طرح به وسارڻ جهڙيون ناهن.

ان سلسلي ۾، هن 1904ع ۾ ’انجمن اتفاق الاسلام‘ جي نالي سان هڪ تعليمي تنظيم جو بنياد وڌو. ان انجمن جي پليٽ فارم تان 1906ع ۾ ميهڙ ۾ مدرسته الاسلام نالي تعليمي درسگاهه قائم ڪئي وئي. ان تعليمي درسگاهه ۽ مدرسي جي انتظامن، تعليمي سرگرمين ۽ ٻئي خرچ پکي لاءِ، هن پنهنجي ذاتي ملڪيت مان ڇهه جريب ( ٽي ايڪڙ) زمين جا وقف ڪري ڇڏيا. اهو مدرسو اڳتي هلي ترقي ڪندو، هاءِ اسڪول جي درجي تي پهتو، جيڪو اڄ ڪلهه هاءِ اسڪول نمبر 1 جي نالي سان مشهور آهي. هن تعليمي درسگاهه سنڌ مدرسي وانگر، سنڌ کي ڪيئي اعليٰ دماغ استاد، عالم، اديب، سياستدان، تاريخدان ۽ مؤرخ پيدا ڪري ڏنا. جن زندگيءَ جي مختلف شعبن ۾ پنهنجون خدمتون سرانجام ڏنيون. ’بلبل‘جي ان تعليمي خدمتن بابت ڊاڪٽر حبيب اللّٰه صديقي پنهنجي ڪتاب (Education in Sindh – Past & Present) ۾ ذڪر ڪندي لکي ٿو ته:

“A Close Associate of K.B. Hassan Ali Effandi, he did not stop shot at any stage throughout his educational and literary career. The Government

high school Mehar reminds us of another madaressatul Islam, he founded in Mehar in 1906 AD, which was later converted into A.V School and subsequently became a high school. On the side of the indigenous Madaressahs education, too, he did not lag behind. He wrote a series of books for Sindhi Dini Madaressahs."[25]

ان کان سواءِ سنڌيءَ جي اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ پارسيءَ جي تعليم جي بحاليءَ لاءِ، سرڪار کان وقت بہ وقت مطالبا ڪرڻ ۽ سنڌ ۾ جديد تعليمي سرشتي جي عمل ۽ قيام لاءِ، سندس ڪيل ڪوششون پڻ بنيادي پيڙهہ واري پٿر جي حيثيت رکن ٿيون.

بلبل زندگيءَ جي ڪُل ٻاهٺ سال ڇهہ مهينن جي عمر جو عرصو گذاري، سيپٽمبر 1919ع ۾ لاڏاڻو ڪيو. سندس آخري آرامگاهہ ميهڙ شهر جي شينن جي مسجد جي احاطي اندر موجود آهي.

## حوالا


1. راشدي، پير علي محمد،'اهي ڏينهن اهي شينهن جلد ٻيو'، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، 1993ع، ص:81.
2. خليل، ڊاڪٽرشيخ محمد ابراهيم،'بلبل سنڌ'، رباني پرنٽنگ پريس، حيدرآباد، 1951ع، ص:7.
3. حوال ساڳيو، ص: 8 ۽ 9.
4. حوالو ساڳيو، ص: 9.
5. حوالو ساڳيو، ص: 9 ۽ 10.
6. ضياء،ضياءُ الدين، 'رئيس شمس الدين بلبل جا تصنيف ٿيل ڪتاب'، ماهوار 'اديب' سنڌ، آڪٽوبر، 1941ع، ص: 26.
7. شاهہ، در محمد، سيد،'تصانيف رئيس بلبل مرحوم'،ماهوار 'اديب' سنڌ، جنوري، 1942ع، ص:38.
8. گرامي، غلام محمد، 'ڪلام بلبل'، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، 1982ع، ص: 106.
9. ساڳيو، 114-115.
10. ساڳيو، ص: 18.
11. ساڳيو، ص: د.
12. ساڳيو، ص: 5/6.
13. حوالو ساڳيو، ص: 7.
14. حوالو ساڳيو، ص: 7.







15. خليل، ڊاڪٽرشيخ محمد ابراهيم، 'بلبل سنڌ'، رباني پرنٽنگ پريس، حيدرآباد، 1951ع، ص:71.
16. ٽڪڙائي، حافظ عبدالله بسمل، 'شمس الدين بلبل جا ادبي اوليات'، ماهوار نئين زندگي، آڪٽوبر، 1965ع، واليوم ،18 نمبر 10، ص: 34.
17. خليل، محمد ابراهيم شيخ، ڊاڪٽر، 'بلبل سنڌ'، رباني پرنٽنگ پريس، حيدرآباد، 1951ع، ص: 166.
18. ٻگهيو، عزيز الرحمان ، ڊاڪٽر،' سنڌي صحافت جي ارتقا ۽ تاريخ'، انسٽيٽيوف آف سنڌالاجي، ڄامشورو، 1981ع، ص: 45.
19. حوالو ساڳيو ، ص: 54/55.
20. حوالو ساڳيو، ص: 49.
21. خليل، شيخ محمد ابراهيم، ڊاڪٽر،'بلبل سنڌ'، رباني پرنٽنگ پريس، 1951ع، ص: ن.
22. گرامي، غلام محمد،' ڪلام بلبل '، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، 1982ع ، ص: 37.
23. راشدي، پير علي محمد، 'اهي ڏينهن اهي شينهن' (جلد ٻيو)، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، 1980ع ،ص: 81.
24. ٻگهيو، عزيز الرحمان، ڊاڪٽر، 'سنڌي صحافت جي ارتقا ۽ تاريخ'، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو، 1981ع، ص :46.
25. Siddiqui, Dr. Habibullah, 'Education in Sindh Past and Present' ,institute of Sindhology, Jamshoro, 2006, P:205.




Shah Abdul Latif Bhitai Chair